ڊاڪٽر ريحانہ نذير

# محمد ابراهيم جويو بحيثيت سماجي نقاد

**Abstract:**

**Muhammad Ibrahim: A prominent socio-cultural critic**

*Muhammad Ibrahim Joyo was a prolific writer who used his writings to challenge social inequality and cultural ills prevalent in the Sindhi society. Joyo firmly believed in the freedom of expression and advocated for the rights of the marginalized groups, which is evidenced by his own writings and translated works. In the process, Joyo also mentored several contemporary and modern writers and members of the intelligentsia over the past fifty years. His forewords for fiction and non-fiction writers are critically acclaimed and helped budding writers. Joyo's several literary, social and cultural achievements have set him as an excellent modern socio-cultural critic in Sindhi literature.*

**ويهين صدي** دنيا جي تاريخ ۾، نہ صرف جديد انقلابي رجحان ۽ لاڙا ڪٽي آئي، پر انهيءَ سان گڏ ان انقلابي فڪر سان مالا مال ماڻهن کي پڻ جنم ڏنو، جن پنهنجي سياسي، سماجي ۽ علمي ڏاهپ سان پنهنجي خطي جي ابوجهہ ۽ پسمانده سماج جي ماڻهن جي نئين علم ۽ شعور ذريعي رهنمائي ڪري، ڪين دنيا جي بدلجندڙ حالتن ۽ انقلابي لاڙن کي پرکڻ جي سوچ ۽ سمجهہ پڻ ڏني.

چوندا آهن تہ سجاڳ ۽ سجاڻ انسان زندگيءَ جي گهڻ رخي سوچ رکندا آهن، هو عام ماڻهن وانگُر 'گولا جي گراهہ' جا نہ هوندا آهن. هنن جي سوچ ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان گڏ هجڻ کان علاوه ڪائناتي سچائيءَ کي تسليم ڪندڙ هوندي آهي. اهڙن ڪاهوڙين ۾ محمد ابراهيم جويي جو نالو بہ شامل آهي.

محمد ابراهيم جويو، سنڌ جي قديم فڪري فلسفي تصوف ۽ روحانيت جي تسلسل جو هڪ تمام وڏو نالو آهي، جيڪڏهن وسيع تناظر ۾ ڏسجي تہ، هو سنڌ جي سماجي ۽ ثقافتي فڪر جي تاريخ جو رول ماڊل آهي.

جويو صاحب، سنڌ جي 'آباد' نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ (تعلقي ڪوٽڙي، ضلعي دادو هاڻوڪي ضلعي ڄامشوري) ۾ پيدا ٿيو. هن پهريان چار درجا پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪيا، بعد ۾ سن جي ورنيڪولر اسڪول مان ستون درجو پاس ڪري، ڪراچي جي سنڌ مدرسة ااسلام اسڪول مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو، جيڪو ان وقت بمبئي يونيورسٽي وٺندي هئي. ان ڪانپوءِ ڊي. جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽر ۽ بي اي جو امتحان پاس ڪري، سنڌ مدرسة الاسلام ۾ اسسٽنٽ ماستر طور پرتي ٿيو. بي اي جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ، محمد ابراهيم جويي وٽ نوڪرين لاءِ گهڻائي موقعا هئا. هو مختيارڪار بہ ٿي پئي سگهيو، تہ ڪن دوستن ۽ مائٽن ڪيس پوليس کاتي ۾ انسپيڪٽر طور نوڪري ڪرڻ جي صلاح ڏني، پر محمد ابراهيم جويي استاد ٿيڻ جي پيشي کي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

اهو دور هندستان تي انگريز والار جو دور هو، جنهن ۾ مشرقي ۽ مغربي تهذيبن جي سماج جو ميلاپ ٿي رهيو هو. نوان علم، نوان نظريا، نئين ٻولي ۽ شعوري قدر هندستاني معاشري جو حصو بڻجي رهيا هئا، جن جي شعوري سهڪار سان پراڻن مدي خارج رسمن ۽ رواجن جا بند ٽوڙي، هڪ اهڙي سماج جوڙڻ جي رٿابندي ڪئي وئي، جنهن ۾ رهندڙ ماڻهو پنهنجي زندگي، پنهنجي مرضيءَ مطابق گذاري سگهن. پنهنجي محنت ۽ پورهئي جو اجورو، هو پاڻ حاصل ڪن، نہ ڪي وڏيرا، سيٺ يا جاگيردار وغيره، جيڪي هميشہ ڪين محڪوم ۽ مجبور سمجهي، سڀ ڪجهہ هڙپ ڪري ڪين مذهب، تقدير يا قسمت جي چڪر ۾ منجهائي پنهنجا مفاد ماڻيندا رهيا. سنڌ جو سماج بہ ساڳي پستي ۽ غلاميءَ جو شڪار هو. اهڙي حالتن ۾ اهي ساڃاهہ وند طبقا، جن ۾ دانشور، عالم ۽ اديب شامل هئا، سي اڳتي آيا ۽ هنن پنهنجي قوم، وطن جي ماڻهن ۽ ٻوليءَ سان وابستگي ظاهر ڪندي، عام لوڪن اندر سياسي ۽ سماجي شعور جون شمعون روشن ڪيون. سنڌ جي اهڙن عظيم فرزندن مان محمد ابراهيم جويو بہ هڪ آهي، جنهن فطري ۽ شعوري طرح سنڌي سماج کي پنهنجي علم ۽ قلم جي شعور سان مالا مال ڪيو. هو سيڪيولر سماج جو پوئلڳ هو. هڪ اهڙو سماج، جيڪو هر طرح مذهبي ڪٽرپڻي ۽ طبقاتي فرق کان بالاتر هجي، جتي وسندڙ سڀني ماڻهن کي هڪجيترا حق حاصل هجن، جتي ذات پات جو تصور اڻ لڀ هجي ۽ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گذاري سگهن. اهڙي مثالي سماج جي جوڙجڪ لاءِ، هن پنهنجي پوري زندگي وقف ڪري ڇڏي ۽ اهو سندس علمي قابليت ۽ مطالعاتي

شعور ئي هو، جو هن ان وقت، مذهبي بنياد تي قومن جي جوڙجڪ واري نظريي جي مخالفت ڪئي ۽ هن بجا طور سمجهيو ته مذهبي بنياد تي قومن جي ورهاست ۽ ملڪ جي تشڪيل سان سنڌي قوم کي وڏو هاڃو رَسندو، ڇاڪاڻ ته قوميت جي آڌار تي سنڌ، مسلمانن ۽ هندن جي قومي وحدت جو اعليٰ مثال هئي. اهو ئي سبب هو، جو جڏهن سيني تجربيڪار سياستدانن، عالمن، دانشورن ۽ سياسي سجاڳي رکندڙ ماڻهن ان نظرئي جي حمايت پئي ڪئي، تڏهن جويو صاحب ’سيو سنڌ سيو ڪانٽينيٽ‘ ( Save Sindh Save Continent) نالي ڪتاب لکي، سڄي دنيا کي آگاهه ڪري رهيو هو ته، سنڌ جي سلامتيءَ سان ئي سڄي ننڍي کنڊ جي سلامتي ۽ بقا جو سوال جڙيل آهي. توڙي جو ان وقت جي دانش ۽ سياست، سندس ڳالهه تي ڌيان نه ڏريو ۽ نيٺ ورهاڱي، سنڌ کي قومي وحدت جي حوالي سان ائين ڇيهو رسايو، جو سنڌ جوهندو مذهب سان واسطو رکندڙ وچولو طبقو، جيڪو پڙهيل لکيل شهري هو، ان کي زوريءَ سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. اهڙيءَ صورتحال ۾ به جويي صاحب، همت هارڻ بجاءِ ورهاڱي ۽ قومي وحدت جي حوالي سان، سنڌ جي وچولي طبقي جي لڏپلاڻ بعد پيدا ٿيل خال کي پنهنجي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شعور سان پُر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پنهنجي ڏاهپ ۽ شعور جي هٿيار سان سنڌي سماج جي نئين سر اوسر لاءِ عمل جي ميدان ۾، پير کوڙي هڪ نه ڪٽندڙ جدوجهد جو آغاز ڪيو، جيڪا آخري پساهن تائين جاري رهي.

رسول بخش پليجو پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکي ٿو ته: ”ائين ٿي لڳو ته، هي (جويو صاحب) ڪنهن ٻئي پار جو مسافر آهي. اسان کي، سڄي ملڪ کي، دنيا جي سمورن ماڻهن کي اوڏانهن وٺي وڃڻ ٿو چاهي. هندو مسلم جهيڙن کان اڳتي؛ وڏيرن، پيرن، سيدن جي راڄ کان اڳتي؛ ان وقت جي سياستدانن، سر غلام حسين، جي. ايم. سيد، کهڙي، سر عبدالله هارون، نواب بهادر يارجنگ، جناح، نهروءَ ۽ گانڌيءَ جي دنيا کان اڳتي. مون شعوري طور ڪانئس وڌ ۾ وڌ سکڻ جي ڪوشش ڪئي.... دنيا جي جديد سائنسي ۽ انقلابي سماجي سوچ سان منهنجي واقفيت به جويي صاحب ڪرائي، جنهن جي هدايت هيٺ مون زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ان نئين سماجي سوچ مطابق لکيل سياسي لکڻيون انگريزيءَ ۾ پڙهيون. هو مونکي ايم. اين. راءِ جي هفتيوار انگريزي اخبار ’Radical‘ پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. اتان ئي اهو سوچ ۽ عمل جو سفر شروع ٿيو، جنهن





آٽي في الحال هتي رسايو آهي. (مهراڻ، ٢٠١٣ع، ص: ٤٧)

محمد ابراهيم جويي سنڌي قوم جي وکريل سوچن ۽ سگهه کي مرڪزيت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ، پيدا ٿيندڙ ڏک ۽ ويڳاڻپ کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي قلم ذريعي نئين قوت بخشڻ جي ڪوشش ڪئي.

هو سنڌ جي قومي ۽ جمهوري جدوجهد جو حصو رهيو، ون يونٽ واري دور ۾ سنڌ سان ٿيندڙ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي پرماريت هجي يا حڪومت جون سنڌي ٻوليءَ سان ٿيندڙ عقوبتون، هرهنڌ پنهنجي ڏات ۽ ڏاهپ کي قلم جي شمشير بڻائي نه صرف وڙهيو، پر وڙهڻ به سيکاريائين. هو بنيادي طور تي قومي سوچ رکندڙ ترقي پسند دانشور هو، سنڌ ۽ سنڌ واسين سان سندس روحاني رغبت هئي. هن وٽ قوم، قوميت، قومي جدوجهد ۽ قومي سماج جي اڏاوت جو تصور خالص سائنسي بنيادن تي مچڻ، انسان دوست ۽ عوام دوست رهيو، جيڪو سندس فڪري تخليقن ۾ هرهنڌ موجود نظر اچي ٿو. مثال طور سندس ڪتاب ’شاهه، سچل سامي‘ کي ئي ڏسجي، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته، ”شاهه، سچل ۽ سامي هڪ وڏي بحراني دور جي پيداوار آهن، هو ذهني دنيا جا عظيم تخليقڪار آهن ۽ هو سنڌي سماج جي نئين جنم جا نقيب آهن. هنن سنڌي سماج جي آڏو نئين انسان جو تصور پيش ڪيو. هنن سنڌي سماج کي نئين اجتماعي وحدت جي شعور کان واقف ڪيو ۽ ان لاءِ ڪين عملي راهه ڏيکاري. قومي تهذيب، قومي مذهب ۽ قومي سياست جي راهه، مشترڪ مفاد ۽ باهمي تعاون جي راهه، محبت، رواداري ۽ اتحاد جي راهه، عمل ۽ قرباني جي راهه هنن جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو مقصد هو.“ (جويو، ٢٠٠٦ع، ص: ٢٨)

ترجمن جي حوالي سان محمد ابراهيم جويي، مرزا قليچ بيگ کان پوءِ سنڌي ادب ۾ سڀ کان وڌيڪ ادب ترجمو ڪري ڏنو. هن ڪيترائي تنقيدي، تخليقي، تحقيقي ۽ معلوماتي ڪتاب ترجمو ڪري، سنڌي ماڻهن جي شعوري حِس بيدار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

سندس اهڙن ئي ترجمو ڪيل ڪتابن ۾، ’فڪر جي آزادي‘ هڪ شاندار تخليق آهي. ١٦هين صديءَ ۾، عيسائيت ۾ پيدا ٿيندڙ فرقيوارانه واقعن تي مشتمل هي ڪتاب، پهرين جرمن زبان ۾ ڇپيو هو، پوءِ انگريزيءَ ۾ `The Right to Heresy` جي نالي سان ١٩٣٦ع ۾ ڇپيو.

هن ڪتاب جو ترجمو ڪري، جويي صاحب سنڌي قوم کي فرقيواريت ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ جي هاڃيڪار تباهين کان واقف ڪيو. پنهنجي راءِ جي آزادي، پنهنجي شعور، پنهنجي فڪر کي اظهارڻ جي آزاديءَ جو حق، هر انسان کي حاصل آهي. سورهين صديءَ وارو دور مذهبي انتهاپسنديءَ جي انتها تي پهتل هو ۽ سچ ڳالهائڻ وارن لاءِ دنيا جهنم بڻيل هئي.

مائيڪل سورويٽس ۽ سيباسٽيان ڪاسٽيلو به اهڙن ماڻهن مان هئا، جن کي مذهبي انتهاپسندن، پنهنجي سوچ جي اظهارڻ تي سخت سزائون ڏيئي، انهن کان جيئڻ جو حق کسي ورتو هو.

”سيباسٽيان ڪاسٽيلو هڪ اڪيلو آدرش پسند انسان هو. هن فڪر جي آزاديءَ خاطر ڪال ون جي بيعت کان ۽ پڻ ٻي هر قسم جي روحاني غلاميءَ ۽ ذهني تشدد کان بغاوت جو اعلان ڪيو هو. هو ڇا هو؟ ڪال ون جي مذهب ۽ حڪومت ۽ انهن جي شمار کان زياده ديولين ۽ پادرين جي طاقت ۽ انهن جي قانون ۽ ان جي زنجيرن، ڪال ڪوٺڙين، ڦاسي گهاٽن ۽ باهه جي آڙاهن جي ڀيٽ ۾ ڪجھ به نه ٿَلهو هڪ نالو، هاٿيءَ جي ڪڇيل پير هيٺان هڪ ماڪوڙي، طوفان جي آڏو هڪ ڪک هو. هو هڪ مسڪين ماستر هو، جيڪو پنهنجي زال ۽ پنهنجن ٻچن جي پيٽ پرڻ ۽ بت ڍڪڻ لاءِ ڪتابن جا ترجما ڪندو هو ۽ خانگي ٽيوشون ڏيندو هو. هو پنهنجي ملڪ کان جلاوطن، ڌارئي ملڪ ۾ هڪ پناهه گزين هو، جتي هن کي نه شهريت جو ڪو درجو هو ۽ نه رهائش جو ڪو حق هو. دنيا ۾ اهڙا دؤر به ايندا آهن، جڏهن انسانن جو خير ۽ خوشيءَ جو ڪو طالب، هٺ ڌرميءَ ۽ ڪروڌ ۾ ورتل ٻن ڌرين جي وچ ۾ ائين هيڪلو ۽ بيوس بنجي ويندو آهي، جيئن وڙهندڙ سانن جي تکن ڪُرن هيٺان ڪو ٻوڙو. سيباسٽيان ڪاسٽيلو پنهنجي دؤر جو اُهو هڪ ٻُوڙو هو“. (جويو، ۲۰۱۵: ۱۷-۱۸)

جويي صاحب مختصر طور تي، ڪتاب جي مهاڳ ۾ جهڙي طرح ’ڪاسٽيلو‘ جو تعارف ڏنو آهي، اهو نهايت متاثر ڪندڙ آهي. رياستي ڏاڍ، جبر سان جهيڙيندڙ انسانن لاءِ هي ڪتاب اتساهه ڏياريندڙ آهي. جويي صاحب جيڪي ڪتاب ترجما ڪيا آهن، انهن جي چونڊ هن تمام باريڪ بينيءَ سان ڪئي آهي، انهن ڪتابن جا موضوع اهڙا آهن، جيڪي اسان جي سماج سان ٺهڪي اچن ٿا.

ڪتاب ’فڪر جي آزادي‘ جو موضوع به اهڙو ئي ڇرڪائيندڙ آهي. تعصب،





جبر ۽ ظلم جي باهه ۾ ساڙيا ويندڙ سچا ماڻهو، دنيا وارن لاءِ مثال بڻجي وڃن ٿا. ١٦هين صديءَ جو دؤر اهڙو ايذائيندڙ دؤر هو، جنهن ۾ گرجا ذريعي ماڻهن کي ڪنٽرول ڪيو ويندو هو. مذهب جي منفي استعمال ڪري، عام ماڻهن کان جيئڻ جو حق ڦريو ويو هو. آزاديءَ جي اظهار جو تصور ختم ٿي چڪو هو.

ڪاسٽيلو مذهبي ڪٽرپڻي خلاف جنگ ڪئي، پر پنهنجي آدرش تي قائم رهيو. ڪاسٽيلو جو ڏوهه اهو هو ته، هُن بنيادي انساني حقن جي تحفظ جي ڳالهه ڪئي، غير انساني سزائن کي ننديو ۽ اختلاف راءِ جي حق کي اهميت ڏني.

ڪال ون جهڙي ظالم شخص سان مهاڏو اٽڪايائين، جيڪو زور ۽ زبردستيءَ سان پنهنجا حڪم عام انسانن تي مڙهيندو هو ۽ انهن کي سخت سزائون ڏيندو هو. ڪال ون عيسائيت کي خطرناڪ حد تائين مضبوط ڪيو هو ۽ پاڻ جڏهن مقدس انجيل جي خطيب جي عهدي تي ويٺو، تڏهن جيڪو دستاويز لکيائين، ان تي عام ماڻهن کان زوريءَ عمل ڪرايو ويندو هو ۽ انڪار يا غفلت تي کين سخت سزائون ڏنيون وينديون هيون. ڪاسٽيلو کي پنهنجي نظريي پيش ڪرڻ جي سزا ملي، پر ان جو نظريو فنا نه ٿي سگهيو.

”ڪاسٽيلو جو سهپ ۽ رواداريءَ، فڪر ۽ ضمير جي آزاديءَ جو آدرش، ظاهر هو ته ساڻس گڏ سندس قبر ۾ دفن ڪونه ٿي ويو هو. اهو جيتوڻيڪ تنگدليءَ، روايت ۽ دهشتگرديءَ جي تهن هيٺان دٻجي ويو هو، پر ان ۾ اڃا جان هئي ۽ اهو هاڻي انهن تهن جي ڳرڻ سان اڳي کان اڳرو، تازو توانو، نئين سر ڦٽي نڪتو ۽ رنگ برنگي گل جهليائين ۽ يورپ جي اُسرندڙ معاشري کي پنهنجن شيرين ۽ زندگي بخش مِيون سان مالا مال ڪيائين. شخصي راءِ ۽ فڪر جي دنيا ۾ رواداريءَ جا شيدائي ڪاسٽيلو جي اڳ ڇپيل ڪتابن تي مطمئن ٿي ڪين ويٺا. هنن پنهنجي روحاني رهبر جا اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ ٻيون خطي تحريرون، جيڪي هن اڏ ۾ ڇڏي ڏنيون هيون، اُهي سڀ چونڊي چونڊي گڏ ڪيون ۽ ٻاهر آنديون. اهي هو ڦهريائين هالنڊ ۾ ڪٽي ويا ۽ اتان هنن اُهي ڦهريائين اصل ۽ پوءِ ترجمن جي صورت ۾ شايع ڪيون.“(جويو، ۲۰۱۵: ۲۶۳-۲۶۴)

جويي صاحب هن ڪتاب جو ترجمو ڪري نه رڳو خيال جي آزادي، فڪر جي آزاديءَ جي تاريخي ويڙهه ۽ جدوجهد کان سماج کي آگاهه ڪيو آهي، پر انسانيت جي آڇپي جو گس ڏسڻ سان گڏ ڪنهن به سماج تي، تنقيد ڪرڻ ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ

جون بنيادي ۽ شعوري واٽون پڻ ڏسيون آهن.

سنڌي ادب ۾ شيخ اياز جو پنهنجو مقام آهي، پر سچ پچ ته جنهن مهل جويي صاحب جا شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيل مهاڳ پڙهجن ٿا ته، پروڙ پوي ٿي ته جويي صاحب ڪيڏي نه مهارت ۽ گهرائيءَ سان ڪتابن جا مهاڳ لکيا آهن. اهو مهاڳ ئي هوندو آهي، جيڪو ڪتاب جي تشريح ڪندڙ هوندو آهي، جنهن جي وسيلي پڙهندڙ سڄو ڪتاب پڙهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ مجبور ٿي ويندو آهي. جويي صاحب پنهنجي علمي قابليت ۽ ادبي ڄاڻ مطابق، شيخ اياز جي ڪتابن تي مهاڳ لکي، انهن لکڻين کي امر بڻائي ڇڏيو آهي.

جويي صاحب جيڪي به مهاڳ شيخ اياز جي ڪتابن تي لکيا آهن، اهي پنهنجي جاءِ تي ادبي شاهڪار آهن. جويي صاحب اياز جي شاعريءَ کي باهه سان تشبيهه ڏني آهي، جيڪا ڏاڍ ۽ ڪوڙ جي ڪوٽ کي ساڙي ڀسم ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي. جنهن جي مڃتا خود شيخ اياز هنن لفظن سان ڪئي آهي ته، ”منهنجي ۽ هن (محمد ابراهيم جويي) جي دوستي روميءَ ۽ شمس تبريز واري هئي. جنهن، روميءَ جي ڪتابن تي نظر وڌي هئي ته انهن ۾ آگ لڳي وئي هئي“. (شيخ اياز، ١٩٨٦ع،ص: ١٤٣)

جويي صاحب، اياز جي فڪر، سوچ جي وسعت ۽ فني گهاڙيٽن تي تفصيلي مهاڳ لکي، اياز جي شاعريءَ کي عوام ۾ متعارف ڪرايو آهي. هو لکي ٿو ته:

”اياز جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ڪرشمو آهي، ٻولين جا اهڙا ڪرشما جُڳن کان پوءِ ظاهر ٿيندا آهن ۽ جڏهن ٿيندا آهن، تڏهن اهي ٻولين سان گڏ، پنهنجي دؤر جي ڪايا پلٽ جا داعي ۽ اٽل سبب بڻبا آهن“. (جويو،٢٠١٥ع، ص: ٨)

جويي صاحب جتي اياز جي لکڻين کي ٻوليءَ جو ڪرشمو چيو آهي، اتي هو انهن لکڻين ۽ شعرن کي سماج ۽ دؤر جي تبديليءَ جو سبب به سمجهي ٿو.

هن پنهنجي سموري زندگي سنڌي سماج جي ڀلائي ۽ خوشحاليءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندي گذاري آهي. سنڌ جا ڪيترائي عالم، اديب ۽ دانشور سندس فڪري رهنمائيءَ جي ڪري وڏيڪ سُڄيت ۽ سگهارا ٿيا ۽ اڳتي هلي اهي ادب جي اعليٰ منصب تي رسيا، جن ۾ سنڌ جو مهان ڪوي شيخ اياز سرفهرست آهي.

شيخ اياز جي ڪيترن ئي شاعريءَ جي مجموعن جا تحقيقي مهاڳ، ابراهيم جويي جي قلم جي سگهند سان واسجي، سنڌي ادب جا لازوال شهپارا بڻجي ويا ۽ اڄ





اهي شاعريءَ جا مجموعا سنڌي قوم جا قومي گيت بڻجي، جتي ڪٿي گونجي رهيا آهن. بقول شيخ اياز جي ته: ”هُو اُهو آدي جڳادي الوپ ماڻهو آهي، جيڪو نئوَ ورنيءَ جي سينڌ ۾ ستارا سجائي، گم ٿي ويندو آهي. هن ئي مونکي سيکاريو ته شاعري زمهرير جي برف نه آهي، جهنم جي آگِ آهي ۽ جڏهن ان جا شعلا تيز ٿي وڃن ٿا، تڏهن اوچتو جنت جا دروازا کُلي پون ٿا.“ (مهراڻ، ٢٠١٣ع، ص: ٣٩)

شيخ اياز کان علاوه رسول بخش پليجي، ع ق شيخ، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، شمشيرالحيدري، جمال رند، غلام رباني آگري، ابن حيات پنهور، سراج ميمڻ، حميد سنڌي، جامي چانڊيو، تاج جويو ۽ ٻين ڪيترن اديبن ۽ قلم ڪارن جي تربيت ۾ جويي صاحب جو وڏو هٿ رهيو آهي.

ابراهيم جويي صاحب جو ڪتاب ’عورتا زاد‘ به نهايت اهميت جوڳو آهي، ڇاڪاڻ ته جويو صاحب جتي فرد جي آزاديءَ جي ڳالهه ڪري ٿو ته، عورت جي آزاديءَ کي به نظرانداز نه ٿو ڪري. جويو صاحب جتي غلاميءَ کي موت سان ڀيٽ ڏي ٿو ۽ عورت جي غلاميءَ جو ذميوار به جاگيرداري سماج کي سمجهندي، ان جي تبديليءَ جي خواهش رکي ٿو، اتي جويي صاحب عورتن جي تحريڪ کي ’عورتازاد‘ نالو ڏنو آهي، جنهن جو ذڪر به ڪتاب ۾ ڪري ٿو. هو عورت جي آزاديءَ کي سماج جي ترقي لاءِ ضروري سمجهي ٿو.

”سڄو سماج سجاڳ ٿيندو، ان جون عورتون، مرد، هاري، مزدور ۽ شاگرد سڀ اٿندا. تحرڪ ۾ ايندا ۽ جدوجهد ڪندا، ته سڄي سماج جي غلاميءَ جو سڄو ڄار ٽُٽندو. جاگيردار سماج بدلبو ۽ ان جي پيچ درپيچ غلاميءَ جون هٿڪڙيون ڪلنديون ۽ پيرن جا زنجير ٽُٽندا. اسان جون مائرون آزاد ٿينديون، ڀينرون آزاد ٿينديون، معصوم ڌيئرون ۽ پُٽ آزاد ٿيندا ۽ اسان جون محبوبائون، جيون ساٿياڻيون آزاد ٿينديون. اسان جا پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، ٻهراڙيون ۽ شهر، مسجدون ۽ مندر، مڪتب، مدرسا، اسڪول ۽ ڪاليج آزاد ٿيندا ۽ اسان جي سڄي انساني دنيا آزاد ٿيندي ۽ پوءِ ئي وچ جا فرق ۽ مفاصلا مٽبا ۽ شڪ، وسوسا، هوس ۽ حسد ختم ٿيندا ۽ ماڻهوءَ جي بي اعتمادي ٽُٽندي ۽ محبت جي باغ ۾ بهار ايندو ۽ بهار جا گل ٽڙندا ۽ انهن جي حسن جو وستار ۽ خوشبوءِ جو واس چؤڏس پکڙندو ۽ اسين ان سڄي پنهنجي پربهار مستقبل جا جيئن اڄ سرچشما آهيون ۽ مقصد به تيئن وڏي اُن جا مالڪ به ٿينداسين ۽ اسان جا نسل ۽ انهن جا

ايندڙ نسل انهن جا وارث بہ اوس بڻبا“. (جويو، ٢٠١٥ع، ص:٨٥٥-٨٥٦)

جويي صاحب نهايت ئي خوبصورتيءَ سان سماج جي امن ۽ ترقيءَ کي آزادي ۽ وري عورت جي آزاديءَ سان ڳنڍيو آهي. هن عورت جي آزاديءَ جي اهميت کي واضح ڪندي، عورتن پاران سندن حقن جي حاصلات لاءِ هلايل تحريڪ جي حمايت ڪئي آهي. اديب ۽ شاعر پنهنجي سماج ۽ پنهنجي دؤر جا نقاد هوندا آهن، جيڪي پنهنجي دؤر جو سچ پڌرو ڪندا آهن ۽ انقلابن جو سبب بڻجندا آهن. جويي صاحب جو شمار بہ اهڙن اديبن ۾ ٿئي ٿو.

جويو صاحب بنيادي طور شعور پکيڙيندڙ اديب آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي سنڌي قوم جي شعوري نشونما ڪندي گذاري آهي. هن ئي سنڌ ۾ وطن دوست ۽ قومي حوالي سان فرض شناس سياسي دانشمنديءَ جا بنياد وڌا. سندس پختو يقين هو تہ، جيڪو ماڻهو پنهنجي صلاحيتن کي پنهنجي قوم، وطن ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال نہ ٿو ڪري، اهو ڪڏهن بہ تاريخ ۾ پاڙون نٿو ڪوڙي سگهي. پاڪستان جي قيام کانپوءِ، سنڌ سان جيڪي سياسي، ثقافتي، اقتصادي ۽ لساني ويساهہ گهاتيون ڪيون ويون، ان خلاف هلندڙ هر مزاحمتي تحريڪ جو روح روان جويو صاحب هو. گڏوگڏ هن سماجي سطح تي، سنڌ جي جاگيرادري سرشتي جي مدي خارج وهنوار کي تبديل ڪرڻ جا ڏگ ڀڏايا ۽ هر قسم جي پرماريت خلاف جنگ ڪرڻ جو سگهارو فڪر ڏنو. انسان جي ترقي، آزادي، امن، برابري ۽ ڀائپي سندس زندگي جا رهنما اصول رهيا آهن. هن مذهبي فرق کان بالاتر سماج جي اڏاوت لاءِ متحرڪ قلمي جدوجهد ڪئي، جنهن جو مقصد طبقاتي فرق کان آجو معاشرو جوڙڻ هو، جنهن ۾ رهندڙ ماڻهو قومي ايڪي هيٺ پنهنجي زندگي آزاديءَ سان گذاري سگهن.

ان سلسلي ۾ سندس ترجمو ڪيل تعليمي، تحقيقي، سائنسي، معلوماتي ۽ انقلابي فڪر سان لاڳاپيل ڪتاب شامل آهن . ٻي وڏي ۾ وڏي جيڪڏهن نعمت ڪري ڳڻجي تہ اهي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ورتل سندس ڪاوشون آهن. هن عظيم مفڪر ۽ سنڌ جي رهبر سنڌي ٻوليءَ جي کوجنا تي نور نچوئي نہ صرف ان جي بڻ بنياد، قدامت، اهميت ۽ تاريخي حيثيت کان پڙهندڙن کي واقف ڪرايو، پر ان سان گڏ، هن سنڌي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي درستگي، لغت ۽ گرامر تي اهم ڪتاب ۽ مضمون لکيا آهن، جن ۾ ’ٻوليون ۽ سندس سٽاءُ ۽ ڦهلاءُ‘، ’ادب ٻولي ۽ تعليم‘، ’اسان جي ٻولي





اسان جي تعليم‘، ’سنڌي زبان جي بنيادي لغت‘ ۽ ٻيا ڪيترائي تحقيقي مضمون لکي سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ کي ثابت ڪري ڏيکاريو. سندس اهي ڪم اڄ بہ سنڌ واسين لاءِ تحقيق، معلومات ۽ کوجنا جا دروازا کولين ٿا. بقول عبدالواحد آريسر جي تہ ”محمد ابراهيم جويو سرزمين سنڌ جو اهو چٽيهہ لڪٽو پٽ آهي، جنهن ڪتابن سان گڏ ادارن کي بہ جنم ڏنو، پاليو، وڏو ڪيو ۽ تندرست ۽ توانو بنايو.“ (مهراڻ، ٢٠١٤ع، ص: ٥٧)

”جويو صاحب ١٩٥١ع-١٩٦١ع تائين ڏهن سالن جو مسلسل عرصو بورڊ جو سيڪريٽري رهيو، انهن ڏهن سالن ۾ جنهن عشق سان سنڌ جي هن قومي اداري کي ناهيائين، تيئن ڪنهن شخص پنهنجي ذاتي گهرکي بہ ڪو نہ ناهيو هوندو.“(آگرو،١٩٩١ع، ص: ٦٢١)

ڪنهن مسئلي جي تهہ تائين پهچڻ لاءِ، ان جي سببن تائين پهچڻ ضروري هوندو آهي ۽ وقت جا ليکڪ، اهي سڀ شيون کولي عام اڳيان نروار ڪندا آهن. قلم وسيلي سماجي اوڻاين کي بيان ڪري سماجي شعور گهڙيندا آهن ۽ اهي ئي سماج جا نقاد هوندا آهن، جن جي تنقيد سماج کي بهتريءَ طرف وٺي ويندي آهي ۽ بلاشڪ جويي صاحب جو شمار اهڙن ئي مهان ماڻهن ۾ ٿئي ٿو.

## حوالا


١. آگرو، غلام رباني (١٩٩١ع) ’جهڙا گل گلاب جا‘ حصو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

٢. مهراڻ، ٽماهي، (٢٠١٤ع) ’محمد ابراهيم جويو‘ خاص نمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو.

٣. جويو، محمد ابراهيم (٢٠٠٦ع) ’شاهہ، سچل، سامي، هڪ مطالعو‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.

٤. جويو، محمد ابراهيم (٢٠١٥ع) ’فڪر جي آزادي‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو.

٥. جويو، تاج، (٢٠٠٣ع) ’محمد ابراهيم جويو، ترتيب ۽ تحقيق‘، سنڌ ماڻڪ موتي تنظيم، حيدرآباد.

٦. جويو، ابراهيم، (٢٠١٥ع) ’ڳالهيون ڪتابن جون‘، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

٧. شيخ، اياز (١٩٨٦ع) ’ساهيوال جيل جي ڊائري‘، نيو فيلڊس پبليڪيشن، ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد.

٨. جويو، محمد ابراهيم، (٢٠١٥ع)، ’عورت زاد‘ (گڏيل ٽي ڪتاب)، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.